# طالبِ علمِ دين

# تي ڪرم ٿي ويو

**05-May-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

5 مئي، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# طالبِ عِلمِ دين تي ڪرم ٿي ويو

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

- ✿... طالبِ عِلمِ دين تي ڪرم ٿي ويو... (ايمان افروز واقعو)
- ✿... دُنيا وي عِلم سکڻ جا شرائط
- ✿... حاڪمِ وقت علمِ دين جي طالبن سان معذرت ڪئي
- ✿... جورابن(موزن) تي مسح ڪرڻ جو مسئلو پڇڻ جي لاءِ سفر

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل هوندو، فرشتا لکڻ واري جي لاءِ بخشش جي دعا ڪندا رهندا.[1]

عجب کرم ہے کہ خود مُجرِموں کے حامی | گناہگاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں
وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اس نے کبھی | یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيّت اَفضل ترين عمل آهي.[3]
اي عاشقانِ رسول! هر ڪم کان پهريان سنيون سنيون نيّتون ڪرڻ جي عادت ٺاهيو ڇو ته چڱي نيت ماڻهو کي جنّت ۾ پهچائيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثلاً نيت ڪريو: ۞ عِلمِ دين سکڻ جي لاءِ پورو بيان ٻڌندس ۞ ادب سان ويهندس ۞ پنهنجي اصلاح جي لاءِ

---

1… معجم اَوْسط، جلد:1، صفحه:497، حديث:1835۔

2… سامانِ بخشش، صفحه:93-94 ملتقطاً۔

3…جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284۔

پورو بيان ڪندس ۞ جيڪو ٻڌندس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## طالب علمِ دين تي ڪرم ٿي ويو... (ايمان تازو ڪندڙ واقعو)

حضرت يحيٰ بن يحيٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني جي مفتي، حضرت مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شاگرد آهن، فرمائن ٿا: پهرين ڏينهن جڏهن مان حضرت امام مالِڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ پڙهڻ جي لاءِ حاضر ٿيس، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کان نالو پڇيائون، پوءِ فرمايائون: الله! الله! اي يحيٰ! عِلمِ دين سکڻ ۾ خوب ڪوشش ڪيو...! اوهان جي ترغيب جي لاءِ مان اوهان کي هڪ واقعو ٻڌايان ٿو. هڪ ڀيري شام جي ملڪ مان توهان جي ئي عمر جو هڪ نوجوان مديني پاڪ ۾ عِلمِ دين سکڻ جي لاءِ آيو، اهو اسان سان گڏ پڙهندو هو، طالبِ علميءَ جي دوران ئي ان کي موت اچي ويو، مون ان نوجوان جي جنازي جهڙو ڪنهن جو جنازو نه ڏٺو، مديني پاڪ جو ڪو عالِم، ڪو طالبِ عِلم اهڙو نه هو جيڪو ان جي جنازي ۾ نه آيو هجي ان وقت جا تمام وڏا عالِمِ دين حضرت ربيعه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي نمازِ جنازه پڙهائي، پوءِ حضرت ربيعه، حضرت زيد بن اسلم، حضرت يحيٰ بن سعيد ۽ حضرت ابنِ شهاب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم (يعني ان وقت جي وڏن وڏن عالِمَ سڳورن) ان کي قبر ۾ لاٿو. ان خوش نصيب طالِب علم جي وفات جي ٽئي ڏينهن هڪ شخص ان کي خواب ۾ ڏٺو، چا تو ڏسي: هڪ خوبصورت نوجوان آهي ان کي اڇو لباس پهريل آهي، سبز عمامو مٿي تي سجايل آهي ۽ هڪ خوبصورت گهوڙي تي سوار آسمان تان لهي رهيو آهي، خواب ڏسڻ واري ان جو هي مقام ۽ مرتبو ڏسي ڪري حيرانيءَ مان پڇيو: اي نوجوان! تون هن مقام تي ڪيئن پهتين؟ نوجوان چيو: مونکي منهنجي علمِ دين هتي پهچايو آهي، علمِ جو هر اهو باب جيڪو مون سکيو هو، الله پاڪ هر باب جي بدلي مون کي جنّت ۾ هڪ درجو عطا فرمايو، بس علمِ دين جي برڪت سان مونکي درجات ملندا ويا، توڙي جو مان طالبِ علم هئس پر الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان عُلما جي درجي تائين

پهچايو ويو، الله پاڪ ملائڪن کي حڪم ڏنو: منهنجي انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ السَّلَام جي وارثن جا درجات بلند ڪيو! بيشڪ مون پنهنجي ذمّہِ ڪرم تي لازم ڪيو آهي تہ جيڪو بہ عالمِ دين هجي يا طالب علمِ دين هجي، انهن سڀني کي هڪ ئي درجي ۾ رکيو ويندو. ان خوش نصيب طالبِ عِلم چيو: مان بہ طالب عِلمِ دين هئس: بس الله پاڪ مون کي بلند درجات عطا فرمايا، ايتري قدر جو منهنجي ۽ رسولِ اڪرم نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي درميان صِرف ٻن درجن جو فاصلو رهجي ويو، هڪ درجو اهو جتي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻين انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ السَّلَام سان گڏ تشريف فرما آهن ۽ ٻيو درجو اهو جتي صحابہءِ ڪِرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ۽ پهرين نبين تي ايمان آڻڻ وارا موجود آهن، انهن ٻن درجن کان بعد جيڪو درجو آهي اهو عُلماءِ ڪِرام ۽ طلباءِ عِلمِ دين جي لاءِ آهي. طالبِ علمِ دين الله پاڪ جي عنايتن جو وڏيڪ ذڪر ڪندي چيو: مان جڏهن عُلَماءِ ڪِرام واري درجي ۾ پهتُس تہ اتي موجود عُلَماءِ ڪِرام منهنجو تمام بهترين طريقي سان استقبال ڪيو، پوءِ الله پاڪ اسان کي خوشخبري ڏيندي فرمايو: اي عُلَماء جي جماعت...! هيءَ منهنجي جنّت آهي، هي مون توهان کي عطا ڪئي، هيءَ منهنجي رِضا آهي، بيشڪ مان توهان سان راضي ٿيس، مان توهان کي عطا فرمائيندس، جنهن جي توهان خواهش ڪندؤ ۽ جنهن جنهن جي توهان شفاعت ڪندؤ، مان توهان شفاعت قبول فرمائيندس.

یاخُدا میری مغفرت فرما ‫ باغِ فردوس مَرْحَمت فرما
تُو گُناہوں کو کر معاف اللہ ‫ میری مقبول معذرت فرما
مصطفےٰ کا وسیلہ توبہ پر ‫ تُو عنایت مُدَاوَمت فرما
موت ایماں پہ دے مدینے میں ‫ اور محمود عاقِبت فرما
سرفراز اور سُرخرُو مولیٰ ‫ مجھ کو تُو روزِ آخرت فرما(1)

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:75ملتقطاً۔

علاّمہ ابنِ بطّال رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه هي ايمان افروز واقعو لکڻ کان بعد فرمائن ٿا: هي تمام فضائل انهن جي لاءِ آهن جيڪي صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ عِلمِ دين سکن ۽ پنهنجي عِلم تي عمل بہ ڪن.(1)

اچو!شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي زباني بارگاهِ رسالت ۾ استغاثو پيش ڪيون ٿا:

گو ذلیل و خوار ہوں کر دو کرم
پر سگِ دربار ہوں کر دو کرم

آہ! پلّے کچھ نہیں حُسنِ عمل
مفلس و نادار ہوں کر دو کرم

جذبۂ حُسنِ عمل ہے اور نہ علم
ناقص و بیکار ہوں کر دو کرم (2)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عِلم جي شَمع سان هجي مونکي محبت يا رَبّ!

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو توهان! خوش نصيب طالب علم ڪي عِلم دين جي لاءِ گهر ٻار ڇڏڻ، خوب اخلاص ۽ محنت ۽ لڳن سان طلبِ علمِ دين ۾ مصروف رهڻ جون ڪهڙيو برڪتون نصيب ٿيون، الله پاڪ اسان کي نيڪ ماڻهن تي رشڪ ڪرڻ نصيب فرمائي! ٿورو تَصَوُّر تہ ڪيو! هي نوجوان ڪهڙو خوش بخت هو، ان علمِ دين سکڻ جي خاطر پنهنجا گهر ٻار ڇڏيا، ماءُ پيءُ ۽ عزيز رشتيدارن سان جدائي اختيار ڪئي، شام ملڪ کان مديني پاڪ حاضر ٿيو، علمِ دين سکندي سکندي ان کي موت آيو تہ انعام چا مليو، وقت جا وڏا وڏا عالِم ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿيا، وقت جي امامن ان کي لحد ۾ لاٿو، ڪرم مٿان ڪرم اهو ٿيو جو الله پاڪ ان کي جنّت ۾ بلند درجات عطا فرمايا، ان کي

---

1...شرح صحيح بخاری لابن بطال، کتاب العلم، جلد:1، صفحہ:134و135۔

2... وسائلِ بخشش، صفحہ:256ملتقطاً۔

علماءِ ڪِرام جي درجي ۾ مقام عطا فرمايو. سُبْحٰن الله! الله پاڪ اسان کي بہ عِلمِ دين سکڻ نصيب فرمائي.

زِندگی ہو مری پروانے کی صُورت یارَبّ! | عِلْم کی شمع سے ہو مجھ کو محبت یارَبّ!

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## علماءِ ڪِرام جا درجات بلند ڪيا ويندا آهن

سيپارو 28، سُوْرَةُ الْمُجَادَلَة، آيت: 11 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ | ترجمو ڪنزالعرفان: الله توهان مان ايمان وارن جا ۽ انهن جا درجا بلند فرمائيندو آهي جن کي علم ڏنو ويو. |

صحابيءِ رسول، سلطانُ الْمُفَسرين، حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: عُلَماءِ ڪِرام عام مؤمنين کان 700 درجا بلند هوندا ۽ انهن جي هر 2 درجن جي درميان 500 سال جي مسافت (يعني دوري) هوندي.(1)

## ”عِلم“ دِين جو قُطْب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! غور تہ فرمايو! عِلمِ دين جو ڪهڙو تہ شان بلند آهي جو عُلَماء کي قيامت جي ڏينهن عام ماڻهن کان تمام بلند درجات ملندا.

حجّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عِلم ڪاميابيءَ جو بنياد ۽ دين جو قُطب آهي.

## عِلم زندگي ۽ جهالت موت آهي

اعلٰي حضرت جا والد حضرت مولانا نقي عي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دنيا ۽ آخرت ۾ ڪو ڪمال عِلمِ دين جي بغير حاصل نٿو ٿي سگهي ۽ ايستائين جو عِلمِ

[1]...قوت القلوب، جلد:1، صفحہ:241۔

دين جي بغير ايمان بہ ناقص رهندو آهي. انهيءَ ڪري عالم سڳورا فرمائن ٿا: اَلْعِلْمُ بَابُ اللّٰهِ الْاَقْرَب علم الله پاڪ جي بارگاهہ تائين پهچڻ جو سڀ کان ويجهو دروازو آهي وَالْجَهْلُ اَعْظَمُ حِجَاب بَيْنَكَ وَ بَيْنَ الله ۽ جهالت توهان جي ۽ الله پاڪ جي درميان سڀ کان وڏو حجاب (يعني پردو) آهي. مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڏيڪ فرمائن ٿا: علم زندگي ۽ جهالت موت آهي. [1] الله پاڪ اسان سڀني کي علمِ دين جو شوق نصيب فرمائي. اچو! علمِ دين جي فضائلن تي ڪجهہ مبارڪ حديثون پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا:

## (1): هڪ زمانو اهڙو ايندو...!!

حضرت حڪيم بن حِزام رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي: رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ توهان اهڙي زماني ۾ آهيو جنهن ۾ عالم وڌيڪ ۽ خطبا (يعني هتراڏو قصّا ڪهاڻيون ٻڌائڻ وارا) ٿورا آهن، ڏيڻ وارا وڌيڪ ۽ گهرڻ وارا گهٽ آهن، هن زماني ۾ عَمل عِلم کان بهتر آهي. تمام جلد ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جڏهن عالم گهٽ ۽ خطيب(يعني هترادو ناهيل قصّا ڪهاڻيون ٻڌائڻ وارا) وڌيڪ هوندا، ڏيڻ وارا گهٽ ۽ گهرڻ وارا وڌيڪ هوندا، ان زماني ۾ علم سکڻ عمل ڪرڻ کان افضل هوندو. [2]

## (2): عِلمِ دين سکڻ هر مسلمان تي فرض آهي

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ وَ اِنَّ طَالِبَ الْعِلْمِ يَسْتَغْفِرُ لَهٗ كُلُّ شَيْءٍ حَتَّى الْحِيْتَانُ فِى الْبَحْرِ عِلمِ دين سکڻ هر مسلمان تي فرض آهي ۽ طالبِ علمِ (دين) جي لاءِ هر شيز ايستائين جو سمنڊ ۾ مڇيون بہ مغفرت جي

[1]... فيضانِ علم و علماء، صفحه:7و8۔

[2]...معجم ڪبير، جلد:2، صفحه:306، حديث:3041۔

دعا ڪنديون آهن.[1] پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين سکڻ جون ڪهڙيون عظيم برڪتون آهن جو طالبِ علمِ دين پنهنجي ڪمن ۾ مصروف هوندو آهي، علم سکندو آهي، ديني ڪتاب پڙهندو آهي، قرآني آيتون ۽ حديثون ياد ڪري رهيو هوندو آهي ۽ دنيا جي هر شيءِ ايستائين جو سمنڊ جون مڇيون بہ ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪري رهيون هونديون آهن. هيءَ ڪيڏي خوش بختي آهي...!!

سُبْحٰنَ الله!

## ڪهڙو عِلْم سکڻ فرض آهي...؟

اي عاشقانِ رسول! هاڻي اسان جيڪا حديث پاڪ پڙهي، ان ۾ فرمايو ويو تہ علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. هن حديث پاڪ ۾ ڪهڙو علم مراد آهي؟ هن جي وضاحت ڪندي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَہ فرمائن ٿا: هن حديث پاڪ مان مراد اسڪول ڪاليج جي رائج ٿيل دنيوي تعليم ناهي (بلڪ) ضروري ديني علم مراد آهي. لهٰذا ❁ سڀ کان پهريان اسلامي عقائد جو سکڻ فرض آهي ❁ ان کان پوءِ نماز جا فرائض ۽ شرائط ۽ مُفْسِدات (يعني نماز ڪهڙيءَ طرح درست ٿيندي آهي ۽ ڪهڙيءَ طرح ٽُٽي ويندي آهي، ان جو سکڻ)❁ پوءِ رَمَضَانُ الْمُبارڪ اچڻ وارو هجي تہ جنهن تي روزا فرض هجن ان جي لاءِ روزن جا ضروري مسائل ❁ جنهن تي زڪوات فرض هجي ان جي لاءِ زڪوات جا ضروري مسئلا اهڙي طرح حج فرض هئڻ جي صورت ۾ حج جا ❁ نڪاح ڪرڻ چاهي تہ نڪاح جا ❁ تاجر کي تجارت جا ❁ خريدار کي خريداريءَ جا ❁ نوڪري ڪرڻ واري ۽ نوڪر رکڻ واري کي اجاري جا ❁ مطلب تہ هر مسلمان عاقل ۽ بالغ مرد ۽ عورت تي ان جي موجوده حالت جي مطابق مسئلا سکڻ فرضِ عَين آهي. ❁ اهڙي طرح هر هڪ جي لاءِ حلال ۽ حرام جا مسئلا بہ سکڻ فرض آهن ❁ مسائلِ قلب (باطِني مسائل) يعني باطني فرائض

[1]...جامع صغير، صفحہ:325، حديث:5266۔

مثال طور عاجزي ۽ اخلاص ۽ تَوڪُّل وغيره ۽ انهن ڪي حاصل ڪرڻ جو طريقو ❁ اهڙي طرح باطني گناهه مثال طورتڪبّر، رياڪاري، حسد، بدگماني، بُغض ۽ ڪينو، وغيره ۽ انهن جو علاج سکڻ بہ هر مسلمان تي فرض آهي ❁ اهڙي طرح مُهلِڪات يعني هلاڪت ۾ وجهڻ واريون شيون جيئن وعده خلافي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، بهتان، بدنگاهي، ڌوڪو، مسلمانن ڪي ايذائڻ وغيره وغيره تمام صغيره و ڪبيره گناهن جي باري ۾ ضَروري اَحڪام سکڻ بہ فرض آهي تان جو هنن کان بچي سگهجي.[1]

خدايا هم اسلامی اَحکام سیکھیں | بچائیں جو دوزخ سے وہ کام سیکھیں

## دنياوي عِلم سکڻ جا شرط

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ ڪلهہ دُنياوي عُلوم سکڻ جو رجحان تمام وڏي ويو آهي، ڪوڙ مسلمان پنهنجي دنياوي مستقبل کي سنوارڻ جي خاطر دنياوي عُلوم سکندا ۽ ان جي لاءِ تمام گهڻي محنت ۾ مشقت برداشت ڪندا آهن. بيشڪ دنياوي علم سکڻ جا دنياوي طور فائدا پڻ آهن ۽ دنياوي علم سکڻ کي مطلقاً ناجائز بہ نٿو چئي سگهجي، البت دنياوي علم سکڻ جي لاءِ ڪجهہ شرائط آهن، انهن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي. سيّدي اعلٰي حضرت، امام اهلسنّت شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهي عُلوم جن ۾ ڪفريات جي تعليم هجي، انهن جو پڙهڻ حرام آهي ❁ ها! جائز عُلوم (جن ۾ اسلامي عقائد و تعليمات جي خلاف ڳالهيون نہ هجن، اهي عُلوم) جائز نوڪرين جي لاءِ پڙهڻ جائز آهي ❁ جڏهن تہ انهن ۾ اهڙو مشغول نہ ٿئي جو ضروري علم نہ سکي سگهي، نہ تہ **اهو دنياوي عِلم جيڪو فرض علمِ دين سکڻ کان روڪي،** حرام آهي ❁ ان سان گڏوگڏ هي بہ ضروري آهي تہ پنهنجي دين ۽ اخلاق تي اثر نہ پئجي ❁ اسلامي عقائد و خيالات تي ثابت قدم ۽ مسلماني طور طريقي تي

[1] نیکی کی دعوت ، صفحہ:136

قائم رهي، هي سڀ شرائط پاتا وڃن تہ جائز رزق حاصل ڪرڻ جي لاءِ جائز دُنياوِي عِلم سکڻ ۾ حرج ناهي[1] هڪ ٻئي مقام تي فرمائن ٿا: هر شخص جنهن حالت ۾ آهي، ان جي متعلق شرعي احڪامن سان واقف هجي، هي فرضِ عَين آهي، جيستائين هي علم حاصل نہ ڪري وٺي جغرافيہ، تاريخ وغيره (دنياوي عُلوم) سکڻ ۾ وقت ضايع ڪرڻ ناجائز آهي.[2] لهٰذا جيڪي دنياوي علم سکندا آهن، انهن تي لازم آهي تہ پهريان ضروري ديني علم سکن، صرف اهي ئي عُلومَ پڙهن جيڪي قرآن ۽ حديث ۽ اسلامي تعليمات جي مخالف نہ هجن، جن عُلومن ۾ دين جي خلاف ڳالهيون هجن، اهي علومَ هرگز نہ پڙهو ۽ ان سان گڏوگڏ دنياوي علم پڙهندي بہ اسلامي اخلاق ۽ اسلامي حُليو (مثال طور ڏاڙهي وغيره) برقرار رکو. انهن شرائطن سان جائز دُنياوي علم سکڻ جائز آهي.

خدایا ہم اسلامی اَحکام سیکھیں | بچائیں جو دوزخ سے وہ کام سیکھیں

## (3): الله پاڪ جنهن سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ يُرِدِ اللهُ بِهٖ خَيْرًا يُّفَقِّهْهُ فِي الدِّيْن الله پاڪ جنهن سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي، ان کي دين جي سمجهہ عطا فرمائندو آهي.[3]

## (4): عُلَما انبياء جا وارث آهن

حضرت ڪَثير بن قيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان دمشق جي جامع مسجد ۾ صحابيءِ رسول حضرت ابو درداء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر هئس، ان وقت پاڻ وٽ هڪ شخص آيو، ان عرض ڪيو: اي ابو درداء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ! مونکي خبر

---

1...فتاویٰ رضویہ، جلد:23، صفحہ:709و708۔

2...فتاویٰ رضویہ، جلد:23، صفحہ:647۔

3...بخاری، کتاب العلم، باب من یرد اللہ، صفحہ:92، حدیث:71۔

پئي آهي تہ توهان رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هڪ حديث بيان فرمائيندا آهيو، مان اها حديثِ پاڪ سکڻ جي لاءِ مديني پاڪ کان آيو آهيان. حضرت ابو درداء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: ڇا توهان تجارت جي لاءِ نہ آيا آهيو؟ عرض ڪيائين: نہ. فرمايائون: تجارت کان علاوه (دمشق ۾) توهان جو ڪو ٻيو ڪم هجي، جنهن جي لاءِ توهان آيا هجو؟ عرض ڪيائين: نہ (مان تہ صرف حديثِ رسول سکڻ جي لاءِ ايترو پري کان حاضر ٿيو آهيان، هن کان علاوه منهنجو ڪو ٻيو مقصد ناهي). ان تي حضرت ابو درداء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن طالب علمِ دين جا فضائل بيان ڪندي فرمايو: ❁مون الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو علم (دين) سکڻ جي لاءِ رستي تي هلي، الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت جو رستو آسان فرمائي ڇڏيندو آهي❁بيشڪ فرشتا طالب علم (دين) سان خوش ٿي ڪري، ان جي لاءِ پنهنجا پَرَ وڇائيندا آهن❁ بيشڪ زمين ۽ آسمان جي مخلوقات، ايستائين جو پاڻيءَ ۾ مڇيون بہ طالب علم (دين) جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪنديون آهن❁بيشڪ عالِم جي فضيلت عبادت گذار تي اهڙي آهي جهڙي چوڏهين رات جي چنڊ جي فضيلت تارن تي بيشڪ عُلَماء انبياء جا وارث آهن، بيشڪ انبياءِ ڪرام ورثي ۾ دِرْهم و دينار (يعني مال ۽ دولت) ناهن ڇڏيندا، انبياءِ ڪرام تہ ورثي ۾ صرف عِلم ڇڏيندا آهن، بس جنهن علم (دين) حاصل ڪيو، ان وڏو حصّو حاصل ڪري ورتو.(1)

## عِلمِ دين کان وڌيڪ ڪا عظمت ناهي

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! طالب علمِ دين جو ڪيڏو بلند شان آهي، طالب علم دين جي لاءِ جنّت جو رستو آسان ڪيو ويندو آهي، طالب علمِ دين جي لاءِ فرشتا پنهنجا پَرَ وڇائيندا آهن، طالب علمِ دين جي لاءِ زمين ۽ آسمان جي مخلوق، فرشتا، وڻ، پٿر، چوپايا، پکي، ايستائين جو مڇيون بہ

[1]...ابن ماجہ، مقدمہ، باب فضل العلم، صفحہ:49، حديث:223۔

مغفرت جي دعا ڪنديون آهن ۽ اَهم ترين فَضيلت هي آهي تہ عُلَماءِ دين انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جا وارث آهن حجّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جهڙيءَ طرح نُبوت کان وڌيڪ ڪو مرتبو ناهي، اهڙيءَ طرح نبوت جي وراثت (يعني عِلمِ دين) کان وڌيڪ ڪا عظمت ناهي.[1]

## (5): عُلما جي فضيلت اهڙي آهي جيئن...!!

ترمذي شريف ۾ حديث پاڪ آهي، حَضرت ابو اُمامہ باهَلِي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: سرورِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ بارگاهہ ۾ هڪ عبادت گذار ۽ هڪ عالم جو ذڪر ڪيو ويو ان تي ٻنهي جهانن جي تاجدار، مڪي مدني سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: فَضْلُ العَالِمِ عَلَى العَابِدِ كَفَضْلِي عَلَى اَدْنَاكُم يعني عالِم جي فضيلت عبادت گذار تي اهڙي آهي جهڙي منهنجي فضيلت گهٽ مرتبي واري اُمّتيءَ تي.[2]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي علماءِ ڪرام جي بي مثال فضيلت آهي، ٿورو غور فرمايو! اسان جي آقا ۽ مولىٰ، مڪي مدني مصطفىٰ جي فضيلت ايتري بلند آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نبين جا تاجدار آهن، امام الانبياء آهن، اللّٰه پاڪ کان بعد سڀ کان بلند رُتبو ۽ مقام جنهن هستي کي مليو اها مبارڪ هستي منهنجا ۽ اوهان ها آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن، ايترو بلند رتبي وارا رسول، رسول مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي رهيا آهن تہ عالِمِ(دين) جي فضلت عبادت گذار تي ائين ئي آهي جيئن منهنجي فضيلت گهٽ درجي واري امتي تي آهي.

هاڻي اسان کي غور ڪرڻو آهي، سڀني کان گهٽ مرتبي وارو امّتي ڪير آهي؟ ۽ اسان جي آقا و مولا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ان تي فضيلت ڪيتري آهي؟ يقيناً هن جو اندازو تہ نتو لڳائي سگهجي، البت عُلماءِ ڪرام ان

---

[1]... احياءالعلوم مترجم، جلد:1، صفحہ:45۔

[2] ترمذی، ابواب العلم، باب ما جاء فی فضل الفقہ، صفحہ:632، حديث:2685۔

جو ٿورو اندازو لڳايو آهي، عُلما فرمائن ٿا: ۞ سيني کان گهٽ مرتبي وارو امّتي اهو آهي، جنهن جي دل ۾ ايمان جو نور تہ موجود آهي پر ان جي زندگي گناهن ۾ گذري رهي آهي، هي سيني کان گهٽ مرتبي وارو آهي ۞ پوءِ ان کان مٿي صالح مؤمن يعني نيڪ مسلمان جو مرتبو آهي ۞ پوءِ ان کان مٿي شهيد جو مرتبو آهي ۞ پوءِ ان کان مٿي متّقي پرهيزگار جو مرتبو آهي ۞ متّقي پرهيزگار کان مٿي مُجْتَهِد جو مرتبو آهي ۞ مُجْتَهِد کان مٿي اَوتاد آهن ۞ اوتاد کان مٿي ابدال ۞ ابدال کان مٿي قُطب ۞ قُطب کان مٿي قُطبُ الاَقطاب ۞ قُطْبُ الْاَقْطاب کان مٿي غوث ۞ غوث کان مٿي غوثِ اعظم ۞ پوءِ اهڙيءَ طرح وِلايت جا مرتبا آهن ۞ انهن ولايت جي تمام مرتبن ۾ مٿي مرتبو صحابہ جو آهي ۞ صحابہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم ۾ بلند مرتبو انصاري صحابہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم جو آهي ۞ انصار کان مٿي مهاجرين جو مرتبو ۞ مهاجرين ۾ سيني کان مٿي مرتبو صدّيق جو آهي ۞ صدّيق کان مٿي نبي ۞ نبيءَ کان مٿي رسول ۞ رسول کان مٿي انبياء اُولُوالۡعَزم ۞ انبياء اُولُوالعزم ۾ حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام جو مرتبو ۞ ۽ حضرت ابراهيم خليل الله کان مٿي خاتَمُ النَّبِيين، رَحۡمَةٌ لِّلۡعَالَمِيۡن، حبيبِ رَبُّ الۡعَالَمِيۡن جو مرتبو آهي.[1]

الله اکبر! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو هي هڪ اجمالي بيان آهي، حقيقت ۾ الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جا مقام ۽ مرتبو آهي، هي تہ ڪير سجاڻي نٿو سگهي، صرف اجمالي طور انهن مرتبن کي ئي ڏٺو وڃي تہ اسان جا آقا و مولا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ادنٰي اُمّتيءَ تي ڪيترا درجا فضيلت رکن ٿا، هاڻي حديث پاڪ ٻڌندا! ارشاد فرمايائون: هڪ عالمِ دين عبادت گذار مسلمان تي اهڙي فضيلت رکندو آهي جهڙي منهنجي فضيلت هڪ ادنٰي امّتيءَ تي آهي. هي عُلماءِ ڪرام جو شان.....!!

[1] شانِ حبيب الرحمٰن، صفحہ:125ملتقطاً

الله پاڪ اسان سڀني کي باعمل عالمِ دين بڻجڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (6): 72 صدّيقن جو ثواب

حضرت اُمامہ باهلي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو علمِ (دين) ۽ عبادت ڪندي جوان ٿيو ۽ وڏو ٿي ڪري بہ انهيءَ حالت ۾ رهيو، تہ الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان کي 72 صدّيقن جو ثواب عطا فرمائيندو.[1]

## (7): علمِ دين سکڻ ڇو ضروري آهي؟

حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: علم حاصل ڪيو! ڇو تہ ❁ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ علم سکڻ خوفِ خدا آهي ❁ علم جي ڳولا عبادت آهي ❁ علم جو تڪرار ڪرڻ (يعني سبق ياد ڪرڻ جي لاءِ باربار پڙهڻ) تسبِيح آهي ❁ جاهل کي علم سيکارڻ صدقو آهي ❁ عِلم کي ان جي اهل تي خرچ ڪرڻ نيڪي آهي ❁ عِلم حلال و حرام جي سڃاڻپ جو ذريعو آهي ❁ عِلم جنّت وارن جي رستي جو نشان آهي ❁ عِلم راحت جو سبب آهي ❁ عِلم سفر جو ساٿي آهي ❁ عِلم اڪيلائيءَ جو ساٿي آهي ❁ عِلم تنگدستي و خوشحالي ۾ رهنما آهي ❁ عِلم دشمنن جي مقابلي ۾ هٿيار آهي ❁ عِلم دوستن جي ويجهو زينت آهي ❁ الله پاڪ عِلم جي ذريعي قومُن کي بلندي عطا فرمائيندو آهي ❁ الله پاڪ عِلم جي ذريعي قومُن کي امام بڻائي ڇڏيندو آهي، پوءِ انهن جي پيروي ڪئي ويندي آهي ❁ عُلماء جي صلاح کي حرفِ آخر سمجهو ويندو آهي ❁ ملائڪ عُلماء جي دوستي ۾ رغبت ڪندا آهن ❁ عُلما جي لاءِ هر خشڪ و تَر، ايستائين جو سمنڊ جون مڇيون ۽

[1] ...جامع صغير، صفحه:180، حديث:3004.

خشڪيءَ جا جانور، سڀ مغفرت جي دعا ڪندا آهن ❁ عِلم دل جي زندگي آهي ❁ عِلم اونداهيءَ ۾ اکين جو نور آهي ❁ عِلم جي ذريعي بانهو وليَن سڳورن جي منزل کي حاصل ڪري وٺندو آهي ❁ عِلم عَمل جو امام آهي ❁ عَمَل عِلم جي تابع آهي ❁ خوش نصيبن جي دل ۾ عِلم وِڌو ويندو آهي ❁ جڏهن ته بدبختن کي عِلم کان محروم ڪيو ويندو آهي.(1)

## (8): عُلماء جي لاءِ رزق جو غيبي انتظام

اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو بانهو دين جي ڄاڻ حاصل ڪندو آهي، اللہ پاڪ ان جي غمن ۽ پريشانن کي ڪافي ٿي ويندو آهي ۽ ان کي اهڙي جڳهه تان رزق عطا فرمائيندو آهي، جتان ان جو گمان به ناهي هوندو.(2)

سُبۡحٰنَ اللہ! اي عاشقانِ رسول! اسان کي گهرجي ته همت ڪيون، نفس سُستي ڏياريندو آهي، شيطان وسوسا وجهندو آهي، هي ٻئي اسان جا دشمن آهن، انهن جي هڪ نه ٻڌو، پنهنجي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ فرمان تي ڌيان ڏيو، علمِ دين سکڻ ۾ مصروف ٿي وڃو، پريشانيون اينديون، مشڪلاتون اينديون، قربانيون به ڏيڻيون پونديون آهن پر ڪا ڳالهه ناهي اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! اللہ پاڪ انهن غمن ۽ پريشانن کان ڇوٽڪارو عطا فرمائيندو ۽ رزق جو پڻ اهڙيءَ جڳهه تان انتظام فرمائيندو، جتان اسان جو وهم و گمان به نه هوندو.

## وقت جي حاڪم دين جي طالبن سان معذرت ڪئي

حضرت ابو الحسن فقيه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان مشهور محدّث حضرت حسن بن سفيان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ رهندا هئاسين، هڪ پيري پاڻ فرمايائون: جڏهن

---

1...الترغيب والترہيب، کتاب العلم، صفحہ:42و43، حديث:8 ملتقطاً۔

2...جامع بيان العلم وفضلہ، جلد:1، صفحہ:199، حديث:216۔

مونکي علمِ دين سکڻ جو شوق ٿيو، ان وقت مان نوجوان هئس، اسان کجھ دوست ملي ڪري عِلم دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ مصر جي طرف روانا ٿي وياسين، هاڻي اسان کي استاد ڳولهڻو هو، ڳولهڻ کان بعد اسان ان زماني جي تمام وڏي محدّث صاحب وٽ پهتاسين، اهي اسان کي روز حديثون لکرائيندا هئا. اسان سيئي دوست هڪ مسجد ۾ رهندا هئاسين، پرديس هو، غربت هئي، تنگدستي هئي، ڪير بہ اسان جي مشقتن ۽ تڪليفن سان واقف نہ هو، اسان بہ ڪڏهن ڪنهن جي سامهون پنهنجي پريشانن جو ذڪر نہ ڪيو هو. هڪ ڀيري ايئن ٿيو جو اسان وٽ جيترا پيسا هئا، سڀ ختم ٿي ويا، فاقہ ڪشي شروع ٿي وئي، ايستائين جو اسان 3 ڏينهن ۽ 3 راتيون بک تي گذاري ڇڏيون، بک جي سبب ڪمزوري وڌي وئي، هلڻ ڦرڻ بہ ڏکيو ٿي ويو. حضرت حسن بن سفيان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انهيءَ بک جي حالت ۾ چوٿون ڏينهن بہ اچي ويو، هاڻي تہ ڪمزوري تمام گهڻي ٿي چڪي هئي، مان مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ويس ۽ نماز پڙهڻ شروع ڪئي، نماز کان بعد دعا گهري، اجان مان دعا مان فارغ بہ نہ ٿيو هئس تہ مسجد ۾ هڪ نوجوان داخل ٿيو، ان پڇيو: حسن بن سفيان ڪير آهي؟ مون چيو مان آهيان. نوجوان چيو: اسان جي شهر جي حاڪم طولُون توهان لاءِ ڪاڌو موڪليو آهي. مون حيران ٿي ڪري پڇيو: حاڪم کي اسان جي باري ۾ ڪيئن خبر پئي؟ ان نوجوان چيو: مان خادم آهيان، اج صبح مونکي منهنجي حاڪم گهرايو ۽ چيائين: فلاڻي پاڙي جي فلاڻي مسجد ۾ وڃ، اتي دين جا طالبِ عِلم آهن، اهي ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين کان بکايل آهن، انهن کي ڪاڌو بہ پهچايو ۽ ڪجھ رقم بہ ڏئي اچو! ۽ ها! منهجي طرفان معذرت بہ ڪجو تہ مونکي انهن جي حالت جو علم نہ ٿي سگهيو، سڀاڻي مان پاڻ انهن جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ڪري معافي گهرندُس. اهو نوجوان چئي ٿو: شهر جي حاڪم جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪري مونکي وڏي حيرت ٿي، مون پڇيو: جناب عالي! آخر هن عنايت جو سبب ڇا آهي؟ حاڪم چيو: رات مان بستر تي سمُهس، اجان اکيون بند ئي ٿيون هيون تہ خواب ڏٺم: هڪ گهوڙي سوار آهي، ان جي

هٿ ۾ هڪ نيزو آهي، ان نيزي جي ڇهنب منهنجي ويجهو رکي چڙهي ۽ چيائين: اٿي حسن بن سفيان ۽ انهن جي ساٿين جي مدد ڪر! اهي علمِ دين جي راهه جا مسافِر آهن، 3 ڏينهن ۽ 3 راتين کان بکايل آهن، تنهنجي شهر جي فلاڻي مسجد ۾ ترسيل آهن. حاڪم چئي ٿو: مون ان گهوڙي سوار کان پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ چيائين: الله پاڪ جو هڪ ملائڪ آهيان ۽ توکي علمِ دين جي طالبن جي هن حالت سان خبروار ڪرڻ آيو آهيان، هاڻي دير نہ ڪر! جلد ئي انهن جي خدمت جو انتظام ڪر! ايترو چوڻ کان پوءِ اهو گهوڙي سوار منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويو. (1)

سُبحان الله! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! علمِ دين جي طالبن جي لاءِ غيب مان ڪهڙا انتظامات ٿيا. لهٰذا غربت ۽ مُفلسي ۽ مال ۽ دولت جي گهٽتائي کان نہ گهٻرايو! همّت ڪيو ۽ علمِ دين سکڻ ۾ مصروف ٿي وڃو. اِن شاء اللهُ الڪريم! الله پاڪ مددگار ٿيندو.

## (9): پنجون نہ ٿجو

حضرت عبد الرحمٰن بن ابي بَڪره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عالِم بڻجو يا طالِبِ علم، علم ٻڌڻ وارا بڻجو يا علمِ دين سان محبت ڪرڻ وارا بڻجو، پنجون نہ بڻجو، نہ تہ هلاڪ ٿي ويندؤ. (2)

## (10): جورابن تي مسح جو مسئلو پڇڻ جي لاءِ سَفَر

حضرت ابن حُبَيش رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: قبيلا مراد جي هڪ صحابي حضرت صَفْوان بن عَسّال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿئي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! توهان جي بارگاهہ ۾ علمِ دين سکڻ جي لاءِ حاضر ٿيو آهيان.

---

1... عُيون الحڪايات، حصہ اول، صفحہ:181تا184خلاصۃً۔

2...جامع بيان العلم وفضلہ، جلد:1، صفحہ:158، حديث:151۔

پياري نبيءِ، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مرحبا! علمِ دين جي طالب کي پليکار...! ملائڪ طالبِ علم دين سان خوش ٿي ڪري انهن کي پنهنجي پَرن سان ڍڪي ونندا آهن، هڪ ملائڪ ان تي پنهنجي پرن سان ڇانوَ ڪندو آهي، ٻيو ملائڪ پهرين جي پرن جي مٿان پنهنجي پَرن سان ڇانوَ ڪندو آهي، ايئن ڪندي ڪندي آسمان تائين ملائڪ هڪٻئي جي پرن جي مٿان پنهنجا پَرَ وڇائيندا آهن. طالب علم دين جي هي فضيلت بيان ڪرڻ کان بعد سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ڇا سڪڻ آيو آهين؟ حضرت صَفْوان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مان مڪي شريف کان لڳاتار سفر ڪندي توهان جي بارگاهه ۾ جورابن تي مسح جي متعلق مسئلو پڇڻ حاضر ٿيو آهيان. (1)

سُبْحٰنَ اللّٰه! سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! علمِ دين سان ڪهڙي محبت آهي! صرف هڪ مسئلو پڇڻ جي لاءِ ايڏو پري کان سفر ڪندي حاضر ٿيا. ۽ اسان جي پياري نبيءِ، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشي جو اندازو به ڏسو! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪهڙي پياري انداز ۾ طالبِ علمِ دين جو استقبال فرمايو ۽ انهن کي علمِ دين جي طلب جا فضائل ٻڌايائين.

## (11): عِلمِ دين جي برڪت سان قبر روشن ٿيندي آهي

حضرت ڪعبُ الاَحبار رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ پنهنجي نبي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام ڏي وحي فرمائي: (اي موسٰي!) ڀلائيءَ جون ڳالهيون سکو ۽ ماڻهن کي سيکاريو! بيشڪ مان علمِ (دين) سيکارڻ وارن ۽ سکڻ وارن جون قبرون روشن فرمائيندُس، انهن کي قبر ۾ بلڪل به وحشت نه ٿيندي. (2)

## علمِ دين جي راه ۾ رڪاوٽون

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! علم دين جا ڪهڙا ڪهڙا فضائل آهن پر

1...جامع بيان العلم وفضله، جلد:1، صفحه:164، حديث:162۔

2...جامع بيان العلم وفضله، جلد:1، صفحه:240، حديث:324۔

افسوس! اسان جي غفلت...! نفس سُستي ڏياريندو آهي، محنت ۽ مشقت سان پري ڀڄندو آهي، شيطان وسوسا وجهندو آهي، ڪڏهن عزّت ۽ شهرت جي طلب ۾ لڳائيندو آهي، ڪڏهن مال ۽ دولت جي حِرص ۾ مبتلا ڪندو آهي، دل ۾ وسوسا ايندا آهن تہ جيڪڏهن علمِ دين سکڻ ۾ لڳي ويس تہ ڪمائيندس ڪيئن، کائيندس ڪٿان؟ ايڏو وڏو بزنس آهي، وقت ڪيئن ڪيندس، دڪان نٿو ڇڏي سگهان، نوڪريءَ مان وقت ناهي ملندو، ان کان علاوه ٻيا بہ طرح طرح جا وسوسا ڏياري ڪري شيطان خبيث اسان کي علمِ دين جي دولت کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي.

## شيطان طالبِ علم دين جو سڀ کان وڏو دشمن

مڪتبةُ الْمدينہ جو ڪتاب ملفوظاتِ اعلٰي حضرت ۾ آهي: بعد نمازِ عصر شياطين سمنڊ تي گڏ ٿيندا آهن، ابليس جو تخت لڳندو آهي، شياطين جي ڪارڪردگي پيش ٿيندي آهي، ڪو چوندو آهي: هن هيترا شراب پيارا، ڪو چوندو آهي، هِن هيتريون بدڪاريون ڪرايون (شيطان) سيني جي ٻڌي. ڪنهن چيو: مون اڄ فلان طالبِ علمِ (دين) کي پڙهڻ کان روڪيو. (شيطان اِهو) ٻڌندي ئي تخت تان اٿيو ۽ ان کي سيني سان لاتائين ۽ چيائين: اَنْتَ اَنْتَ (يعني) تو (زبردست) ڪم ڪيو. باقي شيطانَ هيءَ ڪيفيت ڏسي سڙي ويا جو انهن هيڏا وڏا ڪم ڪيا، انهن کي ڪجھ نہ چيائين ۽ هن (شيطان جي چيلي) کي (طالبِ علم دين کي صرف هڪ موڪل ڪرائڻ تي) ايتري شاباس ڏنائين! ابليس چيو: توهان کي ناهي خبر جيڪو ڪجھ توهان ڪيو آهي، سڀ هِن ئيءَ (علمِ دين پڙهڻ کان روڪڻ واري) جو صدقو آهي. جيڪڏهن (ديني) علم هجي ها تہ اهي ماڻهو گناه نہ ڪن ها.(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو شيطان جو سڀ کان وڏو هدف مسلمانن کي علمِ دين کان روڪڻ آهي جو جيڪڏهن مسلمان علمِ دين سکڻ کان

---

1... ملفوظاتِ اعلٰى حضرت، صفحہ:356۔

رڪجي وڃي تہ ان جو گناهن کان بچي رهڻ تمام ڏکيو ٿي ويندو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ علمِ دين حاصل ڪيون، هن ۾ ڪنهن قسم جي سُستي نہ ڪيون.

الله پاڪ اسان سڀني کي علمِ دين سان محبت و اُلفت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي ۾ علمِ دين جو فُروغ

الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي عِلمِ دين جو نور سڄي دنيا ۾ پکيڙڻ ۾ مصروفِ عمل آهي.

دعوتِ اسلامي جي تحت ملڪ و بيرونِ ملڪ ۾ هزارين جامعاتُ المدينہ هلي رهيا آهن، جتي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي الڳ الڳ ڪيمپس ۾ درسِ نظامي (يعني عالِم و عالِمہ ڪورس) ڪرايو ويندو آهي. الحمد لله جامعةُ المدينہ ۾ عِلمِ تفسير و اصولِ تفسير، علمِ حديث و اُصولِ حديث، علمِ فقہ، علمِ ڪلام، مختلف لغت جا عُلومَ مثال طور علمِ نَحو، علمِ صرف، علمِ بيان، عِلمِ بديع، عِلمِ معاني وغيره تقريباً 15 عُلوم و فنون سيکاريا ويندا آهن، هاڻي تہ الله پاڪ جي جي فضل ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نظرِ عنايت سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ ڪنزالمدارِس بہ ٺهي چڪو آهي، جامعةُ المدينہ ۾ امتحان ڪنزالمدارس بورڊ جي تحت ئي ڏياريا ويندا آهن ۽ M.A اسلاميات جي ڊگري پڻ ڏني ويندي آهي. جامعةُ المدينہ ۾ داخلائون جاري آهن، جامعةُ المدينہ ۾ داخلا وٺو! پنهنجي ٻارن کي، ڇوڪرين کي داخل ڪرايو! پنهنجي رشتيدارن ۽ دوستن احبابن جو ذهن ٺاهيو، انهن کي بہ جامعةُ المدينہ ۾ داخل ڪرايو! علمِ دين سکو ۽ دين جي خدمت ۾ مصروف ٿي وڃو! الله پاڪ اسان سڀني کي عالِمِ باعمل ٿي ڪري ٻين کي ٻڌائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

اي عاشقانِ رسول! علمِ دين سکڻ جو هڪ آسان ترين ذريعو مدني مذاڪرو پڻ آهي. الحمد لله! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر ڇنڇر جو رات عشاء نماز کان بعد مدني چينل تي براه راست (*Live*) مدني مذاڪرو فرمائيندا يعني سڄي دنيا مان عاشقانِ رسول جي پڇيل سوالن جا عِلم و حڪمت سان ڀرپور جوابات ارشاد فرمائيندا آهن. هفتيوار مدني مذاڪرو ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي. دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون حاصل ڪرڻ، اولياءِ ڪرام جو فيضان حاصل ڪرڻ، دل ۾ عشقِ رسول وڌائڻ، علمِ دين جي نور سان زينت ڏيڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪيو ۽ ڪوڙ نيڪيون ڪمايو! اچو! ترغيب جي لاءِ مدني مذاڪري جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## بارَہ نمازي بڻجي ويا

تحصيل تَلہ گنگ (ضلع چڪوال، صوبہ پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي: ڀهريان مان معاشري جو تمام بگڙيل انسان هئس. سگريٽ، چرس، شراب جيڪو ملندو هو ان طرف هٿ وڌائيندو هئس، هڪ ڀيري مون تي ڪرم ٿي ويو ۽ مان رمضانُ المبارڪ جا روزا رکڻ شروع ڪري ڏنا، روزانو رات جو مدني چينل تي مدني مذاڪرو ڏسڻ بہ نصيب ٿي ويو، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جون حڪمت ڀري ڳالهين منهنجي دل تي اهڙو اثر ڪيو جو زندگي ۾ انقلاب اچي ويو، الحمد لله! مون گناهن کان سچي توبهہ ڪري ورتي ۽ چهري کي ڏاڙهي شريف سان سجائي ورتو، پنج وقت نماز مسجد ۾ جماعت سان ادا ڪرڻ لڳس، مونکي نمازون پڙهندي ڏسي ڪري منهنجي 12 سالن جي پٽ 10 سالن جي ڌيءُ بہ نمازون پڙهڻ شروع ڪري ڏني. پٽ تہ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مون سان گڏ مسجد هلندو آهي.[1]

[1]...فيضان مدنی مذاکره، صفحہ:72۔

مدنی مذاکرہ ہے شریعت کا خزینہ | اخلاق کا تہذیب کا طریقت کا خزینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِيْ وَمَنْ اَحَبَّنِيْ كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قبرستان جي حاضري جون سنّتون ۽ آداب

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) قبرن جي زيارت ڪيو ڇو ته هي دنيا ۾ بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏيارينديون آهن.[2] (2) جيڪو پنهنجي والدين ٻنهي يا هڪ جي قبر جي هر جمعي جي ڏينهن زيارت ڪندو، ان جي مغفرت ٿي ويندي ۽ نيڪوڪارن ۾ لکيو ويندو.[3] اي عاشقانِ رسول! ❁ قُبورِ مُسلمين (يعني مسلمانن جي قبرن) جي زيارت سنّت ۽ ولين سڳورن جي قبرن ۽ شهيدن جي قبرن جي حاضري سعادت مٿان سعادت ۽ انهن کي ايصالِ ثواب ڪرڻ مَنْدوب (يعني پسنديده) ۽ ثواب آهي ❁ مزار شريف يا قبر جي زيارت جي لاءِ ويندي رستي ۾ فضول ڳالهيون نه ڪيو ❁ قبر کي تعظيمي سجدو ڪرڻ حرام آهي ۽ عبادت جي نيّت هجي ته ڪُفر آهي ❁ قبرستان ۾ ان عام رستي سان وڃو، جتي ماضيءَ ۾ ڪڏهن به مسلمانن جون قبرون نه هيون، جيڪو رستو

---

1 ... مشكوٰة،كتابُ الايمان،بابُ الاعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

2 ... ابن ماجه، كتاب الجنائز، باب ماجاء فی زيارة القبور، صفحه:252، حديث:1571۔

3 ... شُعَبُ الايمان، جلد:6، صفحه:201، حديث:7901۔

نئون نهيل هجي ان تي نہ هلو. فتاوٰي شامي ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ڊاهي ڪري) جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو ان تي هلڻ حرام آهي ۞ بلڪ نئين رستي جو صرف گمان (يعني شڪ) هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز و گناه آهي ۞ ڪيئي ولين جي مزارن تي ڏنو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت جي خاطر مسلمانن جون قبرون مِسمار (يعني پَٽِي) ڪري فرش ناهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي سمهڻ، هلڻ، ويهڻ، تلاوت ۽ ذڪر و اذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، جتي اهڙي صورتحال هجي اتي پري ڪان ئي فاتحہ پڙهي وٺو ۞ قبر جي مٿان اگربَتي نہ ٻاري وڃي جو ان ۾ بي ادبي ۽ بدفالي آهي، ها جيڪڏهن(حاضرين ڪي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهين تہ) قَبر جي ويجهو خالي جڳهہ هجي تہ اُتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب (يعني پسنديده) آهي قبرن جي زيارت جي لاءِ هي 4 ڏينهن بهتر آهن: سومر، خميس، جمعو، ڇنڇر. جمعي جي ڏينهن بعد نمازِ صبح زيارتِ قبورِ افضل آهي. (1) مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

[1]...550سنتیں اور آداب، صفحہ:87تا90 ملتقطاً۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا)

### ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65)

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البدیع، الباب الثانی، ص277)

### ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

### ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ کرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

### ﴿6﴾ دُرُود شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١))

### ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. ( مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## ﴿2﴾ جڏهن شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد